اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# تجهيزءِ تڪفين جو طريقو

## سمورا گناهہ معاف ٿين

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو ڪنهن ميّت کي وهنجاري، ڪفن پارائي، خوشبو لڳائي، جنازو کڻي، نماز پڙهي ۽ جيڪا عيبدار ڳالهہ نظر اچي ان کي لڪائي تہ اهو گناهن کان ائين ئي پاڪ ٿي ويندو آهي جيئن پيدائش جي ڏينهن هو. (سنن ابن ماجہ ڪتاب الجنائز، باب ما جاء في غسل الميت ج 2 ص 201 حديث 1462)

## تجهيزءِ تڪفين جي احڪام جي متعلق 4 مدني گل

(1) ميّت کي وهنجارڻ فرض ڪفايہ آهي، ڪجهہ ماڻهن غسل ڏنو تہ سڀني جي طرفان ادا ٿي ويو. (بهارِ شريعت، حصو 810/1,4)

(2) ميّت کي ڪفن پارائڻ فرض ڪفايہ آهي. (بهارِ شريعت، حصو 817/1,4)

(3) جنازي جي نماز فرضِ ڪِفايہ آهي يعني ڪو هڪ بہ ادا ڪري وٺي تہ سڀني جي ذمي تان لهي ويندو، نہ تہ جن

جن تائين خبر پهتي ۽ انهن نہ ادا ڪئي تہ اهي سڀ گنهگار ٿيندا. (بهارِ شريعت، حصو 825/1,4)

(4) ميّت کي دفن ڪرڻ فرض ڪفايہ آهي هي جائز ناهي جو ميّت کي زمين تي رکي ڇڏيو ۽ چئني پاسن کان پٿيون ناهي ڪري بند ڪري ڇڏيو. (بهارِ شريعت، حصو 842/1,4)

## روح نڪرڻ کان پوءِ هنن 6 مدني گلن جي مطابق عمل ڪريو

❖ موت واقع ٿيندي ئي ميّت جون اکيون بند ڪري ڇڏيو. ❖ هڪ ويڪري پٽي جاڙيءَ جي هيٺان کان مٿي تي کڻي وجي ڳنڍ ڏئي ڇڏيو تہ جيئن وات کليل نہ رهي. ❖ منهن قبلي جي طرف ڪري ڇڏيو ❖ ميّت جون آڱريون، هٿ ۽ پير سڌا ڪري ڇڏيو. ❖ ٻنهي پيرن جا آڱوٺا ملائي ڪري نرمي سان ٻڌي ڇڏيو. ❖ ميّت جي پيٽ تي مناسب وزن جي ڪا شيءِ (چادر يا ڪمبل وغيره ضرورت جي مطابق ويڙهي ڪري) رکو تہ جيئن پيٽ سُڄِي نہ وڃي.

## غسل ۽ ڪفن جي تياري جا مدني گل

❖ پاڻي گرم ڪرڻ جو انتظام ڪيو ۽ وڏيڪ هن شين جو انتظام ڪيو! ❖ غسل جو تختو ❖ اگربتي ❖ ماچس ❖ ٻہ ٿلهيون چادرون(ناسي هجن تہ بهتر آهي). ❖ ڪپهہ ❖ وڏي رومال وانگر ڪپڙن جا ٻہ ٽڪر(استنجاء وغيره جي لاءِ) ❖ٻہ بالٽيون ❖ ٻہ ڪپا ❖ صابڻ ❖ بير جا پن ❖ ٻہ ٽوال ❖ ڪفن

جو بغير سِبيل وڏي ويڪر وارو ڪپڙو.❖ قينچي ❖ سوئي ڌاڳو ❖ ڪافور❖ خوشبو❖ ( پنهنجي پهچڻ جو اندازو لڳائي وقت بہ ٻڌائي ڇڏيو)

## غسلِ ميت جا 7 مرحلا

❖ استنجاء ڪرائڻ (استنجاء ڪرائڻ وارو پنهنجي هٿ تي ڪپڙو ويڙهي) ❖وضو ڪرائڻ (هن ۾ گرڙي ۽ نڪ ۾ پاڻي وجهڻ ناهي ان ڪري ڪپهہ پِجائي ڪري ڏندن، مهارن، چپن، ناسن تي ڦيريو پوءِ تي پيرا منهن ۽ ٽي پيرا ٺونٺين سميت ٻئي هٿ ڌورائيو، هڪ ڀيرو سڄي مٿي جو مسح، پوءِ ٽي پيرا ٻئي پير ڌورائيو). ❖ ڏاڙهي ۽ مٿي جا وار ڌوئڻ ❖ ميّت کي کاٻي پاسي تي ليٽائي ڪري ساڄو پاسو ڌوئڻ ❖ ميّت کي ساڄي پاسي تي ليٽائي ڪري کاٻو پاسو ڌوئڻ ❖ پٺيءَ کي سهارو ڏيندي ويهاري ڪري نرمي سان پيٽ جي هيٺين حصي تي هٿ ڦيرڻ (پردي جي مقام تي نہ نظر ڪري سگهون ٿا ۽ نہ بغير ڪپڙي جي هٿ لڳائي سگهون ٿا). ❖ مٿي کان پيرن تائين ڪافور جو پاڻي وهائڻ(ڪافور مليل پاڻي جو هڪ کپو ڪافي آهي).

## ڪفن ڪٽڻ جا 7 مرحلا

❖ ڪفن جي لاءِ تقريبًا پوڻا بہ گز ويڪر وارو 7 ميٽر ڪپڙو ڪٽو. ❖ هڪ ڪپڙو ميّت جي قد کان ايترو وڏو ڪٽيو جو ويڙهڻ کان پوءِ مٿي ۽ پيرن جي طرف کان ٻڌجي سگهجي. (ان کي لفافو چئبو آهي)

❖ ٻيو ڪپڙو ميّت جي قد برابر ڪٽيو (ان کي اِزار يا گوڏ چئبو آهي) ❖ قميص جي لاءِ ڪپڙي کي ميّت جي ڳچيءَ کان گوڏن

جي هيٺ تائين ماپيو ۽ هاڻي ان کي ڊبل ڪري ڪٽيو تہ جيئن اڳيان ۽ پويان جي جانب ڊيگھہ هڪ هجي ۽ ويڪر ٻنهي ڪلهن جي برابر رکو، ان ۾ ڳلو ۽ ٻانهون ناهن هونديون. ❖ مرد جي قميص (ڪفني) ۾ ڳلو ناهڻ جي لاءِ وچ ۾، ڪلهن جي جانب ۽ عورت جي قميص جي لاءِ سيني جي جانب ايترو چير لڳايو جو قميص پارائڻ وقت ڳچي مان باآساني گذري وڃي. (مرد جي لاءِ ڪفن سنّت ۾ اهي ٽي ئي ڪپڙا آهن جڏهن تہ عورت جي لاءِ بہ ڪپڙا ٻيا بہ آهن سينو بند ۽ پوتي). ❖ سيني بند جي لاءِ ڪپڙي جي ڊيگھہ سيني کان ران تائين رکو. ❖ پوتي جي لاءِ ڪپڙو ڊيگھہ ۾ ايترو ڪٽيو جو اڌ پٺيءَ(يعني چيلهہ) جي هيٺان کان وچائي مٿي کان آڻيندي منهن ڍڪي ڪري سيني تائين اچي وڃي ۽ ويڪر هڪ ڪن جي پاپڙي کان ٻي ڪن جي پاپڙي تائين هجي(اها تقريبًا ڏيڍ گز (1.50yard) هوندي آهي. ان کي قميص جي ويڪر مان بچڻ واري ڪپڙي مان ٺاهي سگھجي ٿو).

## ڪفن پارائڻ جا 9 مرحلا

❖ ڪفن کي دونهين ڏيڻ ❖ ڪفن ٻڌڻ جي لاءِ ڌوريون رکڻ❖ ڪفن وڇائڻ (سڀ کان پهريان لفافو(وڏي چادر) پوءِ اِزار(ننڍي چادر) پوءِ قميص وڇائڻ، عورت جي ڪفن ۾ سڀ کان پهريان سينو بند پوءِ لفافو پوءِ اِزار پوءِ پوتي ۽ پوءِ قميص وڇائڻ).❖ ميّت کي ڪفن تي رکڻ. (نرمي سان رکو، هاڻي بہ بي پردگي نہ ٿيڻ گھرجي). ❖ شهادت جي آڱر سان

سيني تي پھريون ڪلمو، دل تي يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لکڻ، ياد رهي تہ هي لکڻ مس سان نہ هجي.❖ قميص پارائڻ ۽ پيشاني تي شهادت جي آڱر سان بسم الله لکڻ ❖ دُنّ ۽ سيني جي وچ واري ڪفن جي حصي تي مشائخن جا نالا لکڻ (عورت کي قميص پارائي ڪري ان جي وارن جا ٻہ حصا ڪري سيني تي رکڻ پوءِ پوتي پارائڻ). ❖ اعضاءِ سجود (يعني جن عضون تي سجدو ڪيو ويندو آهي انهن تي) ڪافور لڳائڻ. ❖ پهريان اِزار پوءِ لفافو يعني وڏي چادر پهريان الٽي پاسي کان پوءِ سڌي طرف کان ويڙهڻ (عورت جي ڪفن ۾ وڏي چادر کان پوءِ سينو بند پهريان الٽي پاسي کان پوءِ سڌي پاسي کان ويڙهڻ).

## بالغ جي نمازِ جنازه کان پهريان هي اعلان ڪريو

مرحوم (يا مرحومہ) جا رشتيدار توجهہ فرمائن! مرحوم جيڪڏهن زندگي ۾ ڪڏهن توهان جي دل آزاري يا حق تلفي ڪئي هجي، يا توهان جو قرضدار هجي، تہ هن کي الله تعالٰي جي رضا جي لاءِ معاف ڪري ڇڏيو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مرحوم جو ڀلو ٿيندو ۽ توهان کي بہ ثواب ملندو. نمازِ جنازه جي نيت ۽ ان جو طريقو بہ ٻڌي وٺو. مان نيت ڪريان ٿو هن جنازي جي نماز جي، واسطي الله عَزَّوَجَلَّ جي، دعا هن ميت جي لاءِ پٺيان هن امام جي. جيڪڏهن هي الفاظ ياد نہ رهن تہ ڪو حرج ناهي، اوهان جي دل ۾ هيءَ نيت هئڻ ضروري آهي تہ" مان هن ميت جي جنازي جي

نماز پڙهي رهيو آهيان“ جڏهن امام صاحب ”الله اڪبر“ چون ته ڪنن تائين هٿ کڻڻ کان پوءِ الله اڪبر چوندي يڪدم حسبِ معمول دن جي هيٺ ٻڌي ڇڏيو ۽ ثناء پڙهو، ثناء ۾ وَتَعَالٰى جَدُّكَ کان پوءِ وَجَلَّ ثَنَاءُكَ جو اضافو ڪيو. ٻيون ڀيرو امام صاحب ”الله اڪبر“ چوي ته اوهان بغير هٿ کڻندي ”الله اڪبر“ چئو پوءِ نماز وارو درودِ ابراهيم پڙهو. ٽيون ڀيرو امام صاحب ”الله اڪبر“ چوي ته اوهان بغير هٿ کڻندي ”الله اڪبر“ چئو ۽ بالغ جي جنازي جي دعا پڙهو.[1] جڏهن چوٿين ڀيري امام صاحب ”الله اڪبر“ چوي ته اوهان ”الله اڪبر) چئي ڪري ٻنهي هٿن کي کولي لٽڪائي ڇڏيو ۽ امام صاحب سان گڏ قاعدي جي مطابق سلام ڦيري ڇڏيو.

(نمازِ جنازه جو طريقو،ص19)

## تدفين(دفنائڻ) جا 17مرحلا

(1) قبرستان ۾ دفن جي لاءِ اهڙي جڳهه ونڻ جتي پهريان قبر نه هجي. (2) قبر جي ڊيگهه ميّت جي قد کان ڪجهه وڌيڪ، ويڪر اڌ قد ۽ گهرائي گهٽ ۾ گهٽ اڌ قد جي هجي ۽ بهتر هي آهي ته گهرائي به قد برابر رکي وڃي. (3) قبر ۾ سرن جي پت نهيل هجي ته ميّت آڻڻ کان پهريان قبر ۽ سرن جو اندروني حصو مٽي جي گاري سان سٺي طرح ليپڻ (4) اندروني تختي تي ياسين شريف، سورة الملڪ ۽ درود تاج پڙهي ڪري دم ڪرڻ (5) منهن جي سامهون قبلي واري پت

---

1 جيڪڏهن نابالغ يا نابالغه جو جنازو هجي ته ان جي دعا پڙهڻ جو اعلان ڪريو.

۾ ڪڍڻو ناهي ڪري عهدنامو، شجروشريف، وغيره تبرڪات رکڻ (6) ميّت کي قبلي جي جانب کان قبر ۾ لاهڻ (7) عورت جي ميّت کي قبر ۾ لاهڻ کان وٺي تختا لڳائڻ تائين ڪنهن ڪپڙي سان ڍڪي رکڻ (8) قبر ۾ لاهڻ وقت هي دعا پڙهڻ بِسْمِ اللهِ وَبِاللهِ وَعَلٰى مِلَّةِ رَسُوْلِ اللهِ (9) ميّت کي ساڄي پاسي تي ليٽائڻ يا منهن قبلي جي طرف ڪرڻ، ۽ ڪفن جي ڳنڍ کولڻ.(ميّت آڻڻ کان پهريان ئي قبر ۾ نرم مٽي يا واري جو وهاڻو ناهي وٺو ۽ ان تي ٽيڪ لڳائي ڪري ميّت کي ساڄي پاسي تي ليٽايو اهو نہ ٿي سگهي تہ منهن باآساني جيترو ٿي سگهي قبلي رخ ڪيو). (10) دفن ڪرڻ کان پوءِ سيراندي جي طرف کان ٽي ڀيرا مٽي وجهڻ. پهريون ڀيرو مِنْهَا خَلَقْنٰكُمْ، ٻيو ڀيرو وَفِيْهَا نُعِيْدُكُمْ ۽ ٽيون ڀيرو وَمِنْهَا نُخْرِجُكُمْ تَارَةً اُخْرٰى چوڻ. (11) قبر اُٺ جي ڪوهان (ڻُهي) وانگر لهواري ناهڻ ۽ بلندي (اُچائي) هڪ گرانٺ يا ڪجھ وڌيڪ رکڻ (12) دفن کان پوءِ قبر تي پاڻي ڇڙڪڻ (13) قبر تي گل وجڻ جو جيستائين تازه رهندا تسبيح ڪندا ۽ ميّت جي دل وندرجندي. (14) دفنائڻ کان پوءِ سيراندي کان سورة بقره جي شروع جون آيتون مُفْلِحُوْن تائين ۽ قدمن جي طرف آخري رڪوع جون آيتون اٰمَنَ الرَّسُوْلُ کان سورة جي آخر تائين پڙهڻ. (15) تلقين ڪرڻ قبر جي سيراندي کان بيهي ڪري ٽي ڀيرا هيئن چوي: يا فلاڻہ بن فلاڻہ! (مثلاً يا فاروق بن آمنہ. جيڪڏهن ماءُ جو نالو خبر نہ هجي تہ ان جي جڳھ حضرت حوا جو نالو وٺي) پوءِ هي چوي: اُذْكُرْ مَا خَرَجْتَ عَلَيْهِ مِنَ الدُّنْيَا: شَهَادَةَ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ، وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) وَاَنَّكَ رَضِيْتَ بِاللّٰهِ رَبًّا وَّ بِالْاِسْلَامِ دِيْنًا وَّ بِمُحَمَّدٍ نَبِيًّا وَّ بِالْقُرْاٰنِ اِمَامًا۔ (16)

دعا ۽ ايصال ثواب ڪرڻ (17) قبر جي سيراندي ڪان قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي اذان ڏيڻ، جو تہ اذان جي برڪت سان ميّت کي شيطان جي شر ڪان پناھہ ملندي آهي، اَذان سان رحمت نازل ٿيندي آهي، ميّت جو غم ختم ٿيندو، ان جي گهبراهٽ پري ٿيندي، باھہ جو عذاب ٽرندو، ۽ عذابِ قبر ڪان نجات ملندي آهي ۽ منڪرنڪير جي سوالن جا جواب ياد اچي ويندا آهن.

## تلاوت ڪان پهريان هي اعلان ڪريو

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هاڻي قرآنِ ڪريم جون صورتون پڙهيون ونديون انهن کي ڪن لڳائي خوب توجهہ سان ٻڌو، پوءِ آذان ڏني ويندي، هن جو جواب ڏيو. پوءِ دعا گهري ويندي. مرحوم (يا مرحومہ) جي قبر جي پهرين رات آهي، هي سخت آزمائش جي گهڙي هوندي آهي، مردود شيطان قبر ۾ ڀٽڪائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جڏهن ميت سان سوال ٿيندو آهي: مَنْ رَّبُّكَ؟ يعني تنهنجو رب ڪير آهي؟ تہ شيطان پنهنجي طرف اشارو ڪري چوندو آهي تہ چئي ڇڏ: ”هي منهنجو رب آهي.“ اهڙي موقعي تي آذان ميت جي لاءِ گهڻي نفعي بخش هوندي آهي جو تہ آذان جي برڪت سان ميت کي شيطان جي شر ڪان پناھہ ملندي آهي، آذان سان رحمت نازل ٿيندي آهي، ميت جو غم ختم ٿيندو آهي، ان جي گهبراهٽ دور ٿيندي آهي، باھہ جو عذاب ٽرندو ۽ قبر جي عذاب ڪان نجات ملندي آهي پڻ منڪر نڪير جي سوالن جا جواب ياد ايندا آهن.

مدينہ: غسل ۽ ڪفن وغيره جو طريقو سکڻ جي لاءِ هي ڪارڊ ناڪافي آهي. تفصيل جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ ڪتاب ”تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو“ پڙهي ونو ۽ تربيت جي لاءِ ”مجلس تجهيز ۽ تڪفين (دعوت اسلامي)“ سان رابطو ڪيو.

tajheezotakfeen.dawateislami.net